ٻيِ رُخي ٽاندا ڏِنا

(شاعري)

مانجهي زرداري

ضلع دادو، سنڌ.

بي رُخي ٿاندا ڏِنا

(شاعري)

شاعر

مانجهي زرداري

جنسار پبليڪيشن - ميهڙ

2018ع

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

مانجهي زرداري راڊڻ - فاروق سومرو اسٽال
ميهڙ - رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو ڀٽائي ڪتاب گهر
حيدرآباد - ڪنگ پن ڪتاب گهر پريس ڪلب حيدرآباد
سنڌيڪا ڪتاب گهر حيدرآباد - رزاق بڪ اسٽور ميهڙ
ڀٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد ۽ سمورا سنڌ جا بڪ اسٽال.

جنسار پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر 03

سمورا حق ۽ واسطا پبلشر وٽ محفوظ آهن.

ڪتاب جو نالو	:	**بي رُخي ٽاندا ڏِنا**
موضوع	:	شاعري
شاعر	:	مانجهي زرداري
ڇاپو پهريون	:	جنوري 2018ع
لي آئوٽ	:	شمس الدين جونيجو
ڪمپوزنگ	:	نماڻو صديق مهيسر
ڇپائيندڙ	:	جنسار پبليڪيشن - ميهڙ
ڇپيندڙ	:	ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد 03332634650
ڪاپين جو تعداد	:	500

قيمت : 200/=

BE RUKHY TAANDHA DINA (Poetry) – By: Manjhi Zaridary
Published by: Jinsar Publication - Mehar Sindh
Edition, Frist January-2018.
Composed By: Nimano Siddique Mahesar

ارپڻا

سنڌي ادبي سنگت
جنهن جي ادبي سرگرمين
مان مون کي لکڻ لئہ جذبو
جاڳيو
۽ جنهن جي
پروگرامن
مان اسان کي
اتساھ ملندو رهيو
۽ اتساھ ملندو رهي ٿو.
انهي ماءُ سنڌي ادبي
سنگت جي نالي.

مانجهي زرداري

بي وفا جي بي رُخي تاندا ڏنا
چا ڪيان هن دلگيءَ تاندا ڏنا

تو ڪيان منتون گهڻيون پرچي نہ تو
يار جي ناراضگي تاندا ڏنا

(مانجهي زرداري)

اداري پاران!

الله سائين جي ڪرم نوازي سان جنسار پبليڪيشن _ميهڙ پاران اڳ ۾ شاعري جا ٻه ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن جن ۾ شاعري جو پهريون ڪتاب سونهن جي بارگاهه (نماڻوصديق مهيسر) ۽ ٻيو سنڌ ڌرتي جو مهان ۽ عوامي شاعر استاد بخاريءَ جي چونڊ شاعري جو ڪتاب ڇپائي اُوهان جي هٿن ۾ آنداسين جنهن جي اوهان پڙهندڙن کان ڀرپور موٽ ملي.

سا جنسار پبليڪيشن جي وڏي ڪاميابي آهي جو ڪتاب هٿئون هٿ وڪامي ويا. اسان وري هاڻي سنڌ ڌرتي جي سيبتي شاعر مانجهي زرداري جنهن جو راڌڻ شهر سان تعلق آهي. مانجهي جي شاعري ۾ مذهبي ،عوامي،سونهن پرستي، قوم پرستي، سنڌ پرستي جا عڪس سمايل آهن. مانجهي راڌڻ جي بهترين شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو جنهن جو شاعري جو ڪتاب (ٻي رخي ٽانڊا ڏنا) ڇپائيندي تمام گهڻي سرهائي محسوس ٿي رهي آهي. مانجهي جيان باقي آس پاس جي شاعرن جا ٻه ڪتاب ڇپائي اوهان جي اڳيان آڻنداسين مهرباني.

سنڌ سلامت_سات سلامت

چيئرمين جنسار پبليڪيشن_ميهڙ
03023277750_03013499251
Email,jinsarpublication786@gmail.com

مُهاڳ

پيار جو هاڪاري ۽ نفرت جو انڪاري شاعر

مانجهي زرداري سنڌي ٻولي جو خوبصورت، سلجهيل شاعر آهي، جيڪو پورهيت طبقي سان واسطو رکي ٿو، هي فقير صفت جو ماڻهو سنڌي ٻولي جو اهو خوش نصيب شاعر آهي، جنهن کي پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي مانائتي موٽ ملي آهي، هن جي شاعريءَ جا ٽي ڪتاب

ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن جن ۾ "جوين رت جون سوڪڙيون" "قرار نيڻن جو""دل جي صلاح " جن علمي ادبي توڙي عوامي حلقن ۾ ڀرپور موٽ ماڻي آهي، مانهجي زرداري جي شاعري ۾ جمالياتي حُسن، سماجي بغاوت ۽ مزاحمت جا سمورا احساس سمايل آهن، مانجهي زرداري بنيادي طور رومانوي شاعر آهي، پر هن غم جانان سان گڏ غمِ دوران کي گڏوگڏ کنيو آهي مانجهي زرداري جي شاعري ۾ هڪ خوبي اها بہ آهي تہ هن پنهنجي داخلي توڙي خارجي فڪر کي نهايتي سادگي سان اظهاريو آهي .سادگي ۾ پنهنجو حُسن سمايل هوندوآهي، اهو خوبصورت ڏانءُ مانجهي وٽ موجود آهي، حساس شاعر جي دل مان نڪتل درد جي صدا بہ اسان کان ڏيان طلبي رهي آهي.

اڄ ايئن هن اسان جي شهر جون اکيون،
جڻ تہ آهن کي ڪاري ڪکرجون اکيون،
ڪنهن بہ جيجل جو ڪڏهين نہ ڪتجي جگر
جاڳي انسان کولي اندر جون اکيون
جيڪي اکيون نہ آليون ٿيون سوڳ ۾
سي تہ پڪ ساڻ آهن پٿر جون اکيون.

مٿي بيان ڪيل سٽن ۾ شاعر انسائي بي حسين ۽ بي رحمين جو حقيقي نقشو چٽيو آهي جنهن جو حق هڪ ساڃاهه وند ذات ڏٽي ئي ادا ڪري سگهي ٿو مانجهي زرداري پنهنجي شاعري ۾ تخليقي آرٽ جا موتي وڏي نفاست سان ٽاڪيا آهن. هن جي غزل جي هن چوندُ سٽن ۾ سمايل هي من موهيندڙ احساس

رات آڪاش ڪي چيو ڪڪرن،
توڪان ڏرتي ڪنوار سُهڻي آ.
فڪر دنيا جا پيا سيئي ڪوجها،
هڪ محبت جي تار سهڻي آ.

سماج ۾ مروج طبقاتي ويڇن ۽ اڻ برابرين سبب پنهنجي پيار کي نه ماڻي سگهڻ ڪري جيڪا جوان دلين مان بغاوت ڪر موڙي اٿي آهي جنهن جي پڄاڻي ڪارو ڪاري جي ڪڏي رسم تي ٿئي، اهڙي صورتحال تي شاعر انسان جي فطري حق لئه آواز اٿاريندي چوي ٿو ته:

هن جي نيڻن ۾ پئي ٿي بغاوت ٻکي،
ڪيئن جذبن کي ڏيندي آجل چوڪري،
انگ ميرا مٿي وار وکريل اٿس،
ڪاپريميءَ کان آهي ڇڳل چوڪري

مانجهي زرداري جو شاعري ۾ انداز بيان بيحد وڻندڙ آهي، پنهنجي پريںءَ سان سندس همڪلامي جو هي نمونو پڻ ساهه ۾ سانڍڻ جهڙو آهي ،

اوهان جا اڱڻ ۽ دليون پيي پٿر جون،
اچو ڪيئن اسان جا اڱڻ ها مِٽيءَ جا،
مفادن جون لهرون ويون نيٺ لوڙهي،
اوهان جا وچن پيي سڄڻ ها مِٽيءَ
جا.

يا هن غزل جا چوندُ بند .

گرم ڳل مٿان ڇپ ،سيڪيا، چيو مون،
کلي ڳالهه منهنجي نٽائي هليو ويو
ادائن سان گهوري ڪو گهائي هليو ويو

سندمر من کي پاڳل بڻائي هليو ويو

مانجهي زرداري سنڌي ٻولي جو ڀرپور قلمڪار آهي جنهن پنهنجي شاعري ۾ هميشہ پيار، امن جي پرچار ڪئي آهي نفرت جو سدائين انڪاري رهيو آهي تڏهين تہ وڏي بيباڪي سان چئي رهيو آهي تہ:

نفرت جو انڪاري آهيان،
پيار، امن پوڄاري آهيان،
سچ چوڻ ڪان ڪونہ رهان ٿو
آءُ تڏهن ڏوهاري آهيان.

مانجهي زرداري جي شاعري ۾ خوبصورت ڪلاسيڪل توڙي جدت جو حُسن سمايل آهي مانجهي زرداري پنهنجي هن پيار جي پورهيئي کي مسلسل سچائي سان ڪري رهيو آهي، پوري ويساھ سان چئي سگهي ٿو تہ مانجهي زرداري جو هي چوٿون آيل ڪتاب "بي رخي تانڊا ڏنا" پڙهندڙن وٽان تمام گهڻي موٽ ماڻيندو مانجهي زرداري کي هن ادبي ڪيل پورهي جو منو ڦل ضرور ملندو منهنجي مانجهي زرداري جي لاءِ دعا آهي تہ هو علمي ادبي سفر جوان تڪ مسافر رهي. (آمين ثم آمين)

گوهر گل
ڳورڙ ڳوٺ ولئيو ڪوسو ميهڙ
03023277756

ادبي سفر ۾

سڀ کان پهريان آءُ خدا جو شڪر ٿو ڪيان جنهن مون کي ذات ڏني آهي جيئن تہ منهنجا اڳ ۾ ٿي ڪتاب ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيا جنهن جي اوهان پڙهندڙن کان ڀرپور موٽ ملي آهي ۽ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جو ٿورائتو آهيان جنهن مون کي سنڌ ۾ ساڃاهہ وند شاعر قلمڪار اديب دوست ڏنا مون ادبي سفر ۾ وڏي عزت مانُ مرتبو ڪمايو آهي مون کي خوشي آهي تہ مون پنهنجي قوم جي لکيڻ وسيلي خدمت ڪئي جيڪا مون کي تاريخ ۾ هميشہ زنده رکندي ۽ مان ڪڏهن بہ پاڻ کي نڌڻڪو ناهي سمجهو ڇو جو تاريخ ئي منهنجي وارث آهي ۽ هي شاعر منهنجي اولاد سان گڏ منهنجا وارث آهن.

آءُ ٿورائتو آهيان پنهنجي شهر جي معززين جو جن ۾ غلام دستگير ڳورڙ صاحب،دليپ ڪمار راجاڻي صاحب، سيٺ زوار علي اصغر زرداري صاحب،رئيس افتخار رند صاحب، ٽيپو صاحب پنهنجي شاعر دوستن جو فيضل ڏنگر ۽ گلزار جهتيال، آئون ٿورائتو آهيان جنسار پبليڪيشن ميهڙ جو جن منهنجي ڪتاب جي ڇپائي جو بار پنهنجي ذمي کنيو ۽ جنهن منهنجي هن ڪتاب (ٻي رخي ٽانڊا ڏنا) جو مُهاڳ لکيو سائين گوهر گل ڳورڙ جو نماڻو صديق مهيسر جو جنهن منهنجي ڪتاب جي سهڻي نموني ڪمپوزنگ ڪئي.

مانجهي زرداري - راڏڻ
03035340388O

حمدّ باري تعالي،
نعت، منقبت

الله سائين تيڏا ڪرم هي،
تي دور گيا هر غم هي.

اڳڻ اسان ڏي خوشيان آيان،
مالڪ تيڏيان لک پلايان،
ٿيا وقت ڏکان دا ختم هي.

مالڪ تيڏي شڪر ملهاوان،
تيڏي لک احسان پيا ڳاوان،
تئين ڪتي ٻاجهہ رحم هي.

"مانجهي" زرداري تي سائين،
نظر ڪرم دي ڪرو سدائين،
ميڏا عرض اهو دم دم هي.

چڏي ڏي خفا ٿيا ڪين ڪي فڪر ڪر،
ايندئي ڪم اول تون خدا جو ذڪر ڪر.

محمدﷺ مني جو امتي ڪيو تئي،
انهي لاءِ رب جو ادا تون شڪر ڪر.

ڏئي ٻچڙا توکي رسائي تو روزي،
ڏني زندگي تئي انهي جو قدر ڪر.

صبح توڙي سانجهي زرداري "مانجهي"
الله هو الله هو پيو هر پهر ڪر.

دنيا فاني دنيا فاني اٿئي پيارا دنيا فاني،
وڃي ڪر راضي مالڪ کي متان پڇتائين پوءِ جاني.

وڏو نالو آ مالڪ جو ،وڏائي بہ سونهين ان کي،
باقي ماڻهو مٽيءَ ملندو نہ رهندي ڪنهن جي منماني.

جنهن نفرت ڪان نفرت ڪئي، جنهين محبت کي من ۾ لاٿو،
خدا تائين اهي رسيا، بڻايو جن برهہ باني.

نبيﷺ سردار جي صدقي "مانجهي" مولا مون بخشيندو،
ميرا مُندا بندا آهيون ڪندو پنهنجي مهرباني.

خدا پنهنجي پيارن پيرن جي سنڌ کي،
سکيو رک سدائين فقيرن جي سنڌ کي.

پٺائي، قلندر سچل جي ڀُٽابي،
محبت جي سائين سفيرن جي سنڌ کي.

بلاول ۽ هوشو دريا خان، دودو
وطن جي لاءِ وڙهيا سي شهيدن جي سنڌ کي.

"مانجهي" جون مولا آگهائج دعائون،
آجو ڪر ڏکن کان هيرن جي سنڌ کي.

اسان جي نبيﷺ جو وڏو شان آهي،
وڃي عرش تي ٿيو مهمان آهي.

خدا پاڪ جو آهي محبوب مدني،
ٿيو جنهن تي نازل قرآن آهي.

دُرود نبيﷺ تي پڙهندا ئي رهجو
اهو ربّ سندو ٿيو فرمان آهي.

محمّدﷺ مني جو اُمَتي ڪيو ٿئين،
اهو ”مانجهي“ ربّ جو احسان آهي.

مون کي يي گهرائيندو سرڪار مديني ۾،
ديدار ڪرائيندو دلدار مديني ۾.

هر پاڙو گهٽي گهمبي ۽ پاڪ مٽي چمبي،
ڪجھ وقت رهائيندو منٺار مديني ۾.

محبوب جي چاٺ چمان، ويهي نعت صلوات پڙهان،
سڪ سان سڏائيندو جبدارُ مديني ۾.

هي "مانجهي" زرداري جي نيٺ دعا اگهبي،
غم لاهيندو دل جا غمٺار مديني ۾.

منهنجو مرشد عليؓ حيدر مولا مشڪل ڪُشا آهي،
عليؓ رهبر اول آخر مولا مشڪل ڪشا آهي.

وڃي ڏس مست ملنگن کي عليؓ جا جي آهن عاشق،
هڻن نعرا پيا هر هر مولا مشڪل ڪشا آهي.

چئي نادي عليؓ نادي ڪيا سردار ٿئي سڏڙا،
اچي حيدر ڪٽي خيبر، مولا مشڪل ڪشا آهي.

مولائي"مانجهي" زرداري عليؓ جو شان ڇا لکندو!
ناهي جنهن جو ڪوئي همسر، مولا مشڪل ڪشا آهي.

جيڪو حيدر جو حبدار آهي سو ماٺو نصيبن وارو آ.
جنهن جو پنجتن پاڪ سان پيار آهي سو ماٺو نصيبن وارو آ.

پاڪ بتول جي ٻچڙن جو جيڪو مومن دل سان غم تو ڪري
جيڪو سيدن جو عزادار آهي سو ماٺو نصيبن وارو آ.

آ دنيا عُقبا جو والي ۽ قبر محشر ۾ شافي آ،
جنهن جو سائين سچو سردار آهي سو ماٺو نصيبن واروآ.

"مانجهي" زرداري تو شڪر ڪريان ٻون کي مرشد شاهي مردان مليو
جنهن جو حامي حيدر قرار آهي سو ماٺو نصيبن واروآ.

سيّد صغير ڪربلا ڪربلا ويا،
ڪُسجي نبيءَ ﷺ جا لاڏلا لاڏلا ويا.

دربار هئي يزيد جي بي پردا پاڪ هئا،
ڪيڏا وڏا تي زلزلا زلال ويا.

راهه خدا ڪجهه سڀ صدقي حُسينَ رضہ ڪيو،
سارا ختم تي سلسلا سلسلا ويا.

"مانجهي" پئي مديني روئي نبي ﷺ جي نياڻي،
جنهن ڪان جدا تي پرجهلا پرجهلا ويا.

ذڪر مومنو ٻڌو هي ڪربلا جو،
ڏکن سان ڀريل آ قصو ڪربلا جو.

ٽيو بند پاڻي ۽ خيمن کي باهيون،
وڏو سور آهي اِهو ڪربلا جو.

اڃان تائين ڌرتي آ رت ساڻ ڳاڙهي،
وڃي اڄ بہ ميدان ڏسو ڪربلا جو.

زمين بہ رُني پئي آسمان بہ رُنو ٽئي،
رُنو جنهن بہ واقعو ٻڌو ڪربلا جو.

سيلن جي غم ۾ مون زرداري ”مانجهي“
وبهي مرثيو آ لکيو ڪربلا جو.

غزل

سونهن کي سلام آهي شاعري
پيار جو پيغام آهي شاعري

حال دل جو جنهن ۾ آهي اوريو
قرب جو ڪلام آهي شاعري

دردن جي آهي اٿل اي دوستو!
عشق جو انجام آهي شاعري

نيهن جا چاڙهي نشا تي چڙهي
پريت جو جڙ جام آهي شاعري

"مانجهي" زرداري کي جنهن شُهرت ڏني،
تنهنجي ڪئي مون نام آهي شاعري

سنڌڙي جا شهباز قلندر پارت ٿئي،
ڄاڻين تو سڀ راز، قلندر پارت ٿئي.

تون آن خدا جو پيارو اي اولاد عليؓ،
توتي ڪيون ٿا ناز، قلندر پارت ٿئي.

آءُ مدد ڪر مرشد سائين مشڪل ۾،
پهچ ڪري پرواز، قلندر پارت ٿئي.

هڪڙي "مانجهي" زرداري جي ناهي صدا،
سنڌ سڄي آواز، قلندر پارت ٿئي

خوشحال وطن گھرجي،
۽ پيار امن گھرجي.

جت سک جا گل مھڪن،
اھڙو تو چمن گھرجي.

نفرت کي ڪرڻ ھاڻي،
بس يار دفن گھرجي.

شل ڪيت رھن ساوا،
سُرھاڻ ۽ اَنُ گھرجي.

”مانجھي“ مُئي کان پو،
اجرڪ جو ڪفن گھرجي.

پيارجو گل توکي مان ڏئي نہ سگهيس،
توڙي گهمياسين گڏ گلابن ۾.

وقت ماضي مٿي ويو گذري،
خوف خطرن ۽ ٻيو حجابن ۾.

تنهنجي درشن مان ڊوءُ ٽئي نہ تو
تون ٿي گذرين وچين نقابن ۾.

ٿڪ، مرڪون، خوشيون رهيون ناهن،
هاڻ گهاريون پيا عذابن ۾.

عشق جي آ ڪٿا لکي "مانجهي"
پئي پڙهجان اٿئي ڪتابن ۾.

محفلون ۾ خوشيون ڇهچٽا ڪاڏي ويا؟
زندگي تون ٻڌاءِ سڀ مزا ڪاڏي ويا؟

جن ڏني روح راحت رسندي هئي،
دل گهريا دلربا، لاڏلا ڪاڏي ويا؟

تو پري ڪان ڪيڪاري ٿڪي ڪل ڪلي،
هن جون مرڪون ۾ ياڪر ٻٽا ڪاڏي ويا؟

اڄ تہ هر ماڻهو تي ٻيو آهي مطلبي،
بي مطلب جي هئا، پرجهلا ڪاڏي ويا؟

قرب واريون ڪچهريون ڪيوسين جتي،
ڳوٺ واريون گهٽيون ۾ ٿلها ڪاڏي ويا؟

اڻ ميو پيار جن تي"مانجهي" ڏنو
سي ماڻهو منا ها سچا، ڪاڏي ويا؟

شان شوڪت اجرڪ توبي،
سنڌ جي ثقافت اجرڪ توبي.

وڏڙن کان ورثي ۾ آ ملي،
آهي امانت، اجرڪ توبي.

سنڌ واسي پيا پائينداسين،
تا قيامت، اجرڪ توبي.

”مانجهي“ زرداري چئي سنڌ جي،
آهي زينت، اجرڪ توبي.

اسان جي اڄڪلهہ اداس دل آ،
اچن پيا سڏڪا رهي نہ ڪل آ.

ايئن پيا ٿا جيون گذاريون،
ڪراس ڪرڻي ٽريفڪ ۾ پل آ.

جنهن کي تنهن کي سمجهون سڄڻ ٿا،
اها اسان جي پنهنجي ڀل آ.

لکيا مون جنهن لاءِ هي گيت آهن،
انهي ماڻهو کي نہ ڪائي ڪَلَ آ.

ذڪارو ٿي مان ويس محفل مان،
ڇيو نہ هن "مانجهي" تون وَلِ آ.

ڏسي تنهنجو مرڪڻ مون کي ياد آهي،
تنهنجو پيار آچڻ مون کي ياد آهي.

اکين سان اکيون جو مليون پنهنجون جانم،
تيز دل جو ٿيو ڌڙڪڻ، مون کي ياد آهي.

پاڪ پريو مان، ۽ ڇيئي مهربانيون،
تنهنجو هلندي ترڪڻ، مون کي ياد آهي.

پنهي پيين کي مون چميو هو چپن سان،
توتي شعر سرجڻ، مون کي آ ياد آهي.

منهنجو شهر "مانجهي" تون ڇالئہ ڇڏين ٿو
ڇئي تنهنجو سڏڪڻ مون کي ياد آهي.

پريا مون ساهه ٽڙا جوين آ ياد آيو،
تو هو ڏنو اکين سان ڪاشن آ ياد آيو.

تنهنجي ٻِلي مان گذرڻ ۽ تنهنجي گهرڙي گهورڻ،
تنهنجو ڪندو ويندو هس درشن آ ياد آيو.

توسان ملڻ جي تياري مون تي ڪئي پياري،
سينڌ، مُساڳ، سُرمو درپن آ ياد آيو.

تون ويئن قدم گهمائي، مون تي چميو مٿي کي،
پنهنجي اباڻي گهر جو آگن آ ياد آيو.

زرداري ”مانجهي“ڏي توماکي مکڻ مُڪو هو،
سو اڄ وري اچانڪ برتن آ ياد آيو.

❁

زندگي جون گهڙيون ڪي تہ گڏ گهارجن،
پيار جي ڇانوَ ۾ ڪجهہ ڏليون نارجن.

تون هُتي تي سِڪين مان هتي تو سڪان،
ڇو جدائي ۾ پنهنجا جگر ڳارجن.

ناهي ڪاغذ جون ٻيڙيون پاٻوهہ مان،
گڏجي پاڻي مٿان سي سگهي تارجن.

هڪ دفعو آ هلي "مانجهي" زرداري ڏي،
هڪ ٻئي کي پريت جا پيالا پيارجن.

تو کي ٻوَ تي ڏسڻ تو چاهيان،
تو تي شعر لکڻ تو چاهيان.

توکي دلڙي پسند ڪيو آ،
تڏهن تنهنجو ٿيڻ تو چاهيان.

تنهنجي زلفن ۽ ڳلڙن جو
پياري واس ونڻ تو چاهيان.

جيون جي خوشين جون گهڙيون،
تنهنجي نانءُ ڪرڻ تو چاهيان.

”مانجهي“ زرداري راڏڻ ۾،
توسان گڏجي گهمڻ تو چاهيان.

❁

دل جي سودي ۾ مار کاڌيسين،
حُسن آڏو جو هارَ کاڌيسين.

توسواءِ پل پرين سري ئي نہ ٿي،
ڳُرُ تڏهن تہ يار کاڌيسين.

حڪم تنهنجا هڙئي مڃياسين پئي،
ڪونہ تنهنجي معيار کاڌيسين.

تو ڏکايو بہ هوندو "مانجهي" کي،
ڪونہ توتي ڪا خار کاڌيسين.

❁

جا ۾ مون توتي لکي آ شاعري،
ساھ ۾ سانڍي رکي آ شاعري

روز اخبارن، رسالن ۾ پرين!
پئي تي ڇپجي تو ڏني آ شاعري!

هر جڳهہ تي داد، مَن آهي مليو!
جاتي پيي مون هي پڙهي آ شاعري،

يار سيئي ويا ڇڏي تڪليف ۾،
پرچڏيو ناهي، سچي آ شاعري،

عشق تنهنجي ۾ جيڪا ”مانجهي“ رچي
سا!مون کي ڏاڍي مٺي آ شاعري،

آئين اگهڻ اسان جي، دلدار تنهنجا ٿورا،
دل کي خوشي ملي آ، سرڪار تنهنجا ٿورا.

مان تو خوشي منجهان اڄ ڪپڙن ۾ نہ ماپان،
تو هي خوشي ڏني آ، مننار تنهنجا ٿورا.

اڄ ڪلهہ جو پيار ناهي، ننڍ پڻ جو آهي ناتو
سالن کان پوءِ لڌي تو آ سارَ تنهنجا ٿورا.

دل تي چوي نچان مان، ڳايان خوشي جا گانا،
ڏک ،سور سڀ لهي ويا، غمنار تنهنجا ٿورا.

زرداري"مانجهي"تنهنجي عشق ڪيو آ شاعرُ!
وينو لکان مان توتي هر وار، تنهنجا ٿورا.

ڪن مٽر تا ڦريون ۽ سرنهن تي ڦلي،
تنهنجي يادن جي پوءِ جڻ دري تي ڪلي.

چيٽ ۾ کيت ۾ گل پيا رقص ڪن،
رُتُ بسنت سنڌ جي هوا تي گهلي.

عيد، شادي، خوشي، جي ڪنهن ميڙ ۾،
ڪوئي ڪنهن سان جي مرڪي ٻُلي تو ملي.

هو اچي پيو اسان جي شهر ڏي وري،
ٻالهہ سنگت ۾ سُهڻا جڏهن تي هَلي.

توسان گهاريل گهڙيون پيار پاٻوهہ جون،
”مانجهي“ زرداري پيارا، ڪٿي تو ڀُلي.

قابو تو اهڙو ڪيو آ پيار ۾
جيئن مڇي ڦاسي پوي ڪا جار ۾

جي نہ تو توکي ڏسان بي چين هان،
ساھہ منهنجو آهي تو منتار ۾.

دل رڳو ديدار تنهنجو تي گھري،
ڪونہ تو بيو ڪجھہ وڻي سنسار ۾.

جي ڪرين سينگار تو ايئن لڳي،
چڙ ننڙيون آ گل ڪوئي گلزار ۾.

مرڪ تنهنجي سان منهنجو جيون ايئن،
جيئن هجي تو تر منا وسڪار ۾.

"مانجهي" مون کي موت پي منظور آ
پر مران مان تنهنجي ٻانهن هار ۾

بي وفا جي بي رخي تاندا ڏنا،
چا ڪيان هن دل لڳي تاندا ڏنا.

تو ڪيان منتون گهٽيون پرچي نہ تو
يار جي ناراضگي تاندا ڏنا.

منهن لڪائي، دل سڪائي تي وڃي،
هن جي مغروري مڳي تاندا ڏنا.

چال هن جي کي نہ مان سمجهي سگهيس،
مون کي پنهنجي سادگي تاندا ڏنا.

چيلهہ هن جي ۾ پئي پاڪر وڄي،
سونهن واريءَ جي سڳي تاندا ڏنا.

تو پلڙ چاهيان مگر پلجي نہ تي،
مون کي پنهنجي دل چري تاندا ڏنا.

”مانجهي“ مان هرپل پيو سڙندو وتان،
چا تہ آهن عاشقي تاندا ڏنا.

منهنجا ڪلٽا پرين، ڪيچلا ياد ٿئي؟
پيار ماضي سدا سلسلا ياد ٿئي؟

تنهنجي لاءِ مون بہ آندا ها پٽ شاهہ تان،
هار، چوڙيون، ڪنگڻ ۽ چلا ياد ٿئي؟

تنهنجي پوڄا ڪندي ڪنهن ڏسي هو ورتو
ڪيئن آيا هئا، زلزلا ياد ٿئي؟

پيار جي پنڌ مان پيو تہ تڪجي هيس،
تو ڏنا هئا مون کي، حوصلا ياد ٿئي؟

پيار پنهنجي تي جيڪي سڙندا هئا،
سي ماڻهو مخالف، پلا ياد ٿئي؟

روز ”مانجهي“ تون منهنجي اڳڻ ايندو ڪر،
تو چيو هو پئي، دل جلا ياد ٿئي؟

ڪو هاري ويو آ شرارت جا تاندا،
پيا ڳوٺ ساڙن، عداوت جا تاندا.

اڏيو هيم جيڪو مون سپنن جو گهرڙو
جلائي ويا سو روايت جا تاندا.

ويا نرم آواز ساڙي سمورا،
زبان تي، ٻريا تي شڪايت جا تاندا.

اڙيا پيار ويري سڙي تون ٻـ ويندين،
ٻرن تا تنهنجي گهر، بغاوت جا تاندا.

ننڊي لاڪون ڪنهن جي حصي ۾ اچي وئي،
وهيءَ ۾ ڪنيائين، ورهاست جا تاندا.

ننگي پير عاشق وڃي ڪيئن پيو تو
وڇيل راهه ۾ هن، قيامت جا تاندا.

امن، پيار ”مانجهي“ سڙي خاڪ تي ويو
وسائي نـ سگهيس مان، نفرت جا تاندا.

توسان جيون ڳنڍڻ جي وري آس ٿي،
دل ۾ چنڊ کي ڇُهڻ جي وري آس ٿي.

تو گلابي اکين سان وري گهوريو
تو ڏي هر هر ڏسڻ جي وري آس ٿي.

دل جي تختيءَ مٿان او سکي!سانوري،
نانءُ تنهنجي لکڻ جي وري آس ٿي.

پائي ڪپڙا نوان، سينڌ سهڻي ڪئي،
تنهنجي سامهون اچڻ جي وري آس ٿي.

توکي مون سان سچي ڏس ڪيڏو پيار آ؟
اِج بہ توکان پڇڻ جي وري آس ٿي.

تانگهہ "مانجهي" مون کي آهي بيتاب ڪيو
توکي اج ٿي چمڻ جي وري آس ٿي

❁

منهنجو سائو جيون جاني،
رڻ پٽ تي ويو تورن جاني.

صحرا ۾ جيئن زخمي پنڇي،
آسون تيئن ٿيون تڙپن جاني.

ڪُرڙي پاڻيءَ ڪان جيئن ٻاهر،
جذبا تيئن ٿا ڦٿڪن جاني.

ساڙي ٿو جيئن پارو اڪ کي،
ساڙي دل تيئن دردن جاني.

پيريءَ ۾ تبديل ٿي پيو
منهنجو جڻ هي جوڀن جاني.

توريءَ ٿو سنسان لڳي اڄ،
شهر سمورو راڌن جاني.

پنهنجا ناتا، خوشبو تي ويا،
آسون، جذبا، خوشبو تي ويا.

تون جي آئين ڳوٺ اسان جي،
رستا سارا ، خوشبو تي ويا.

تو لاتو پاڀوهه مان سيني،
دل جا ڌڪا خوشبو تي ويا.

تنهنجا پيارا گفتا ٻُريا،
واءُ جا جهونڪا، خوشبو تي ويا.

منهنجا گيت لکيل اوسڻا،
تو جو ڳاتا، خوشبو تي ويا

تنهنجا هٿ چميا مون سائين،
ساهه جي سهڪا، خوشبو تي ويا.

مُرڪن ۽ ٽهڪن سان "مانجهي"
جيون لمحا، خوشبو تي ويا.

خلق پوڄاري پيئسي جي آ،
اڄ ڪلمہ ياري پيئسي جي آ.

جلسہ جهڙپون، بم ڌماڪا،
مارو ماري پيئسي جي آ.

مسڪين جي ڪانہ بڌي تي
پوليس پياري پيئسي جي آ.

هر ماڻهو ٿو چاهي ترقي،
وارو واري پيئسي جي آ

چڱا ڀلا هن چانهہ جي پويان،
خوش بهاري پيئسي جي آ.

ڪنهن ڪنهن تي ٿون لکندي ”مانجهي“
دنيا ساري پيئسي جي آ.

سدائين ڏولاون، ڏچن ۾ رهان ٿو،
ڪٿي يار آئون ٿٿن ۾ رهان ٿو.

خوشي جو مون نالو ٻڌو آ ٻين کان،
مگر مان ڏکن جي ٻکن ۾ رهان ٿو.

مٺي هاڻ پنهنجي اکين ۾ رهاءِ ٿون،
الائي ڪڏهن کان خطن ۾ رهان ٿو.

هوا حالتن جي اذاري وڃي ٿي،
اوهان جي ٻِلي ءَ جي ڪکن ۾ رهان ٿو.

سکي سونهن پوڄڻ عبادت ٿو سمجهان،
متان سمجهين تنهنجي ڏٿن ۾ رهان ٿو.

مون کان ذات پنهنجي رُسي چونہ ”مانجهي“
مان پنهنجي جو معاشي خفن ۾ رهان ٿو.

ڏکن جي پڄاڻي نہ جاني ٿئي ٿي،
غمن ۾ گذر زندگاني ٿئي ٿي.

صنم سارَ تنهنجي هميشہ اچي ٿي،
کسي چين مون کان رواني ٿئي ٿي.

زماني جي هن کي ڪا پرواھ ناهي،
جواني پِي ڏاڍي يگاني ٿئي ٿي.

پتو ئي نہ ٿو پئي وڃي ٿي وهامي،
اگر رات ڪا ئي سُهاني ٿئي ٿي.

سڄو ڏينهن وينو مان. بيزِبون ٻڌان ٿو
مگر پو بہ پوري نہ ماني ٿئي ٿي.

پليان ٿو گهڻو پر نہ ٿي ”مانجهي“ پلجي،
ڪيان ڇا چري دل ديواني ٿئي ٿي.

هو نہ آهي ٻُسو ٻُسو تو لڳي،
اڳ تہ ڏاڍو هي ماڳ وڻندو هو.

گيت ٻڌندي ئي پوندو جهومي هيس
عشق جو هو تہ ، راڳ وڻندو هو.

پاڻ ناهي ويندو هُيس هن ڏي،
سينڌ، سُرمو، مُساڳ وڻندو هو.

بين جا ڳُڙ، ڪباب، پاسي تي،
هُن ڏانهن آيل بہ ساڳ وڻندو هو.

هو جو منهنجو هيو تڏهن ”مانجهي“
پنهنجي قسمت ۾ ڀاڳ وڻندو هو.

ڳوٺ وارا اوهان پيار ناهي ڪيو
منهنجون بابا کي پو چو تا دانهون ڏيو.

هارُ پيي آ اکين تي مان صدقي وڃان،
پر ڳلي لائي پنهنجون هي ٻانهون ڏيو.

پيار ويرين جون نظرون، ٽيون گوليون لڳن،
يار پنهنجي اکين ۾ پناهون ڏيو.

جي ڏيو ٿا تہ "مانجهي" کي اتساھ ڏيو
مايوس ڪندڙ نہ صلاحون ڏيو.

منهنجي واعدي تي اعتبار ڪجان،
آئُون ايندس تون انتظار ڪجان.

هيل عيدون اچي ڪبيون توسان،
دل جون ڳالهيون پرين هزار ڪجان

تون گلن جو ڪرين متان ڪو خفو
پنهنجون بانهون ئي منهنجو هار ڪجان.

ڏينهن گذري ويندا وڇوڙي جا،
پاڻ کي تون نہ بيقرار ڪجان.

حسرتون سڀ ڪجان پرين پوريون،
پوءِ پل ۾ "مانجهي" سان پيار ڪجان

❁

اڄ ايئن هن اسان جي شهر جون اکيون،
جڻ ته آهن ڪي ڪاري ڪڪر جون اکيون.

هو ته ٻوٽي اکيون ويو پنهنجي ماڳ ڏي،
ويو ڪري آهي آليون ولر جون اکيون.

ڪنهن ٻه جيجل جو ڪڏهن نه ڪنجي جگر،
جاڳي انسان ڪولي اندر جون اکيون،

جيڪي اکيون نه آليون ٿيون سوڳ ۾،
سي ته پڪ ساڻ آهن پٿر جون اکيون.

لڙڪ لاڙي ٻين ته اڳهي يي چڏيا!
رت روئن ٿيون اڄان ”مانجهي“ گهرجون اکيون.

جنهن دم تنهنجي تات ٿئي ٿي،
سوچن جي سڪرات ٿئي ٿي.

تنهنجي سار اچڻ سان ساٿي،
اڻ تڻ ۽ فڪرات ٿئي ٿي.

لڇ پڇ ۽ بي چيني ۾ ها،
فرڪت واري رات ٿئي ٿي.

پر جي پيارا اک ٽپڪي ٿي،
سپنن جي پوءِ جهات ٿئي ٿي.

توبن دل جي آڳرڙي ٿي،
وهمن جي پنچائت ٿئي ٿي.

غم جا بادل پرجي اچن پيا،
لڙڪن جي برسات ٿئي ٿي.

پاڻ کي ماري چڏيان "مانجهي"
ڪڏهن اهڙي جذبات ٿئي ٿي.

ادائن سان گهوري ڪو گهائي ويو آ،
سندم من کي پاڳل بنائي ويو آ.

گرم ٻُل مٿان چَپ سيڪيان، چيو مون،
ڪلي ڳاله منهنجي نٽائي ويو آ.

وٺي دلڙي مون کان نہ پنهنجي ڏنائين،
ايئن دلڙي منهنجي ڦٻائي ويو آ.

ڦٿي آس من ۾ ٻڪيا ٻانهن هن کي،
مگر آس ۾ ئي رهائي ويو آ.

سڄي رات جاڳي ڪٽيان تو مان ”مانجهي“
صفا ننڊ اکين مان اُڏائي ويو آ.

شهيد بينظير ڀٽو کي ڀيٽا

ساهہ سِرُ صدقي ڪيو تو قوم تان،
تنهنجي شهادت کي سلام آ بينظير!

ڪين ڪڏهن تون جهڪيئن جابر اڳيان!
تنهنجي جرت کي سلام آ بينظير!

ملڪ ساري کي ڪيو خوشحال تو
تنهنجي سياست کي سلام آ بينظير!

هاري ناري جي لڏي تو سارَ پئي،
تنهنجي صداقت کي سلام آ بينظير!

ڪين ڪنهن کي تو ڏنيو تڪليف ۾،
تنهنجي عظمت کي سلام آ بينظير!

شهيد بينظير ڀٽو کي پيٽا

ڪيو ظلم ڪيڏو وڏو بي ضمير آ،
ڇني جنهن اسان کان پيڙ بينظير آ.

سڄي ملڪ ۾ اڄ هر اک آ آلي،
جدا ٿي وئي خوشين جي سفير آ.

ڀٽو آهي زنده ڀٽو زنده رهندو،
اهو ئي تہ ظالم جي اک ۾ لڳو تير آ.

ڀٽو جي مشن کي پورو ڪنداسين،
جابر جي دل ۾ هٽو هي ڪِيرُ آ.

اسان "مانجهي" ماٹهو مايوس ناهيون،
ايندو بلاول، جنهن جي اُڪير آ.

سارَ تنهنجي پرين سلسلا تي ڪري
منهنجي سوچن اندر ترٽلا تي ڪري

پاڻ سان درد ڪي پيي وٺيون تي اچي،
منهنجي من ۾ اچي ڪربلا تي ڪري

منهنجا جذبا ستل تي جاڳائي ڇڏي،
روز پيدا نئوان ولولا تي ڪري

هاڻي منهنجي رهي ڪانہ آ پوءِ پيي،
پنهنجي ڇيچن ۾ منهنجا ڇلا تي ڪري

مان تہ مايوس ”مانجهي“ ٿو هردم رهان،
هو هماليا جيان حوصلا تي ڪري

عشق آهي سُڪار جيون جو
نينهن ناهي ڏڪار جيون جو.

هن جو چاهيو تہ پاڻ ناهيوسين،
چاھ آهي سينگار جيون جو

باغ دل جي ۾ گل ٽڙي تا پون،
پيار آهي بهار جيون جو.

هن ڪي ڏسندي ئي ٽڪ لهي تا پون،
يار آهي قرار جيون جو.

پيار جڳ ۾ وڃي ورهاءِ "مانجهي"
آ اهو ئي ميار جيون جو.

پنهنجو يار درشن اچان ڏي،
نہ تہ نيڻ ڊاپن اجهلن ڏي اچان ڏي

ملڻ ساڻ تنهنجي ٿمي زندگي آ،
اهوسات ساجن، اچان ڏي اچان ڏي

جيئن گيت منهنجا بلندين تي پهچن،
خدا ذات ۾ فن اچان ڏي اچان ڏي

لڳي تو جواني ڪري تي جدائي،
مولا مون کي جوين اچان ڏي اچان ڏي

ڏنئي وقت مون کي تنهنجي مهرباني!
پرين پر گهڙي کن اچان ڏي اچان ڏي

سنڌ سان آهي چاهہ اسان جو
سنڌ ۾ آهي ساهہ اسان جو.

سنڌ جي ويري سان ڪڏهن بہ،
ٿيڻو ناهي ناهہ اسان جو.

تيل ۽ گئس تي ڌاڙا آهن،
۽ ٿو سُڪي درياهہ اسان جو.

سنڌ ۾ لعل قلندر آهي،
۽ ٻيو ڀٽ جو شاهہ اسان جو.

مهمان نواز جوآهيون ”مانجهي“
آهي اهوئي گناهہ اسان جو.

آ خدا ڪائنات ۾ ڪيو هي،
اوچو اعليٰ مقام ماڻهوءَ جو

پاڻ ماڻهو مري ويندو آهي،
ڳالھہ رهندي آ نام ماڻهو جو.

جي تو چاهين تہ محترم سڏجا،
ڀريان ڪر احترام ماڻهوءَ جو.

آهي افسوس جو ڏيڻ وانگي،
ٿي ويو آ دام ماڻهوءَ جو.

ريءَ خواري جي ڪجھہ نہ حاصل ٿئي،
قرب ئي گهوريو خام ماڻهوءَ جو.

آهي دولت بہ شئي سني ليڪن،
عزت آهي انعام ماڻهوءَ جو.

اوهان جا اگهڙ ۾ دليون پيي پٿر جون،
اچو ڪيئن، اسان جا اگهڙ ها مِٽيءَ جا.

وسي غم جي بارش چڏيا تمڪ ڳاري،
اسان جا پرين ٿيا ڪلڙ ها مِٽيءَ جا.

مفادن جون لهرون ويون نيٺ لوڙهي،
اوهان جا وچن پيي سجڙ ها مِٽيءَ جا.

جنيمن ڪالهہ سيجون سجايون گلن جون،
ڏنم اڄ مٿان تن جي مڙ ها مِٽيءَ جا.

چو مرڪ رُتل آهي،
دردن جو دخل آهي.

اي يار ٿيو منهنجي،
جذبن جو قتل آهي.

چَپَ واقعي سُڪل آهن،
چهرو بہ لَٿل آهي.

هن اکيون آيون پرجي،
يادن جي اُٿل آهي،

آ روح سندم زخمي،
۽ دل بہ ڊٿل آهي.

ڪجھہ غور سان ٻڌ پيارا،
"مانجهي" جو غزل آهي.

سوا تنهنجي سڄڻ سائين بهارن ۾ مزو ناهي،
لڳي ٿي بي مزي دنيا نظارن ۾ مزو ناهي،

مٺا مهراڻ ۾ منڇر نہ ٿي دل کي وڻي ڪينجهر،
وڃي ٿو سمنڊ تي ٻيهان، ڪنارن ۾ مزو ناهي.

گهڻو ٿو دل کي وندرايان ڪٿي پيي دل نہ ٿي وندري،
هي گل ڦل باغ ۾ بادل ستارن ۾ مزو ناهي.

دنيا ماڻهن جو ميلو آهي پرين پوءِ بہ آ ماندو من،
سڃا سڀ شهر ٿو پائيان، بازارن ۾ مزو ناهي.

ڇريو ٿيندو مري ويندو اسان جو يار ”زرداري“
مون تي توڪون ٿا ڪن ”مانجهي“ ها يارن ۾ مزو ناهي.

هاءِ چاندوڪي ۾ تنهائي پرين،
مون کي ماري ٿي صفا جائي پرين.

ايئن گهلي ٿي هير هي ٺڏڙي منا،
ياد تنهنجي جڻ ڪٺي آئي پرين.

ڪا جهڙالي شام پِي توکان سواءِ
جون جي جڻ ڪا آهي تائي پرين.

درد تنهنجو دل جگر کي اي صنم،
ويو اُڏيهي جيئن پٽي ڪائي پرين.

”مانجهي“مون کي ڪنهن نه سمجهايو سڄڻ،
ڇو هيم توسان دل لائي پرين.

اک چنڊ ۾ وهي يار گذري وئي،
ڪو پتو ئي نہ پيو ايئن گذري وئي.

وار ڪارن منجهان هن اڇا ٿيڻ لڳا،
مند جوڀن سندي آهي اُڪري وئي وئي.

حسرتون ڪيئي رهجي ويون دل اندر،
يار جوڀن جي گاڏي آ نڪري وئي.

حالتن جي هٿان ٿي ويو قيد هان،
ياد تنهنجي ڪٿي آهي وسري وئي.

عيد جون، بهار جون مبارڪون اٿئي پرين!
پيار جي نهار جون مبارڪون اٿئي پرين!

ٻين ڪان پل پري ڪان وٺ اسان ڪان وٺ ڳلي ملي،
چو تہ پرستار جون مبارڪون اٿئي پرين.

وات جي منو ڪيان تہ پوءِ هڪ مني ڪپي!
هاڻ هائوڪار جون مبارڪون اٿئي پرين!

دل اندر خوشي نچي، مک تي مرڪ پئي تري،
”مانجهي“ اڄ قرار جون مبارڪون اٿئي پرين!

وسي ديس تنهنجو پلارا پٿائي،
جيئي تنهنجي ٻولي پيارا پٿائي.

وسي مينهن ڪاڇي ۾ ٿر تي او سائين!
پيئن پاڻي مارو اڃارا پٿائي!

رهن ڪيت ساوا سدا پنهنجي سنڌ جا!
ٿين شال هاري سگهارا پٿائي!

”مانجهي“ جون مولا اگهائج دعائون،
لهن منهنجي من تان مونجهارا پٿائي.

ويو لهي انتظار نيڻن جو
تو ڏني ٿيو قرار نيڻن جو.

تو نشانو ڪيون اکيون ليڪن،
دل تائين ٿيو مار نيڻن جو.

سو تہ جيئري ئي آهي جنت ۾،
جنهن بہ ماڻيو آ پيار نيڻن جو.

ويندي ويندي جو تو ڏنو پٺ تي،
ٿي پيو هلڪو آ بار نيڻن جو.

ڇو اجايو هٿيار تاڻيو پيا!
"مانجهي" آهي شڪار نيڻن جو.

بي رُخي دل بدن تي هٽي تي ڇها،
مرڪ زخمن مٿان سور رکي تي پها.

جيت ۽ هار جي ڳالهہ ڪرڻي نہ آ،
پيار آهي پرين هي ڪا ناهي جوا.

تون مان جي جدا تي وياسين پرين!
پيار ويرين جي جڙ مينهن تي آ سُئا.

مون کي ڏک ۾ ڏسي مائٽ منهنجا ٻڌو!
منهنجي دلبر کي ڏئي ڪو متا بد دعا.

چاهيندڙ سان چاھ ڪيوسين،
ڪهڙو يار گناھ ڪيوسين.

ڳوٺ کي ڇو آ باھ لڳي وئي،
پاڻ تہ گڏجي گاھ ڪيوسين.

هي عشق عبادت ناهي ڇا!
ڪنهن کي ڪيئن گمراھ ڪيوسين.

ڀريان ڀريان ڇرڪياسين ٿي،
دل کي هاڻي درياھ ڪيوسين.

ويرين ويڙهايو هو ليڪن،
سمجهي وياسين ٿاھ ڪيوسين.

"مانجهي" منزل کي ماڻيوسين،
هڪ ٻئي تي ويساھ ڪيوسين.

ڳوناٽي ماحول ۾ پئي آ دل وندري،
ڪانہ لڳي ٿي دلڙي شهر جي شورن سان.

هن جي جوين جلون ۽ پيو نازن کي،
ڏيندو ويو هان پيٿا غزل نڪورن سان.

جنهن سان ناري ڪاري ڪري آ ماري وئي،
سو تہ اجان ٿو راند ڪري پيو بلورن سان.

شهر جو امن امان پيو آ خطري ۾،
صوبيدار رکي آ ياري چورن سان.

مـنا ماڻهو مون کان جدائي ڪري ويا،
ڏئي سور مون کي سودائي ڪري ويا.

رنو مان تہ هس پر رنا هو بہ هوندا،
مگر منهن تي مون سان پڪائي ڪري ويا.

سڄڻ پنهنجا ساري رڳو پئي تي تڙپي،
منهنجي دل ديواني اجائي ڪري ويا.

جدائي ۾ جيئڻ ڏکيو آهي ڏاڍو
سڄي مون لئہ ساري خدائي ڪري ويا.

ڏسي حال منهنجو فقيراڻو ”مانجهي“
لڳي ٿو تہ شايد وڏائي ڪري ويا.

عشق وارن جو احترام ڪيو
ادب ،اخلاق سان ڪلام ڪيو.

موھ مستن ڪي ٿا ڇئو چريو
سڪ سچي ڪي نہ ٿا سلام ڪيو.

ذات جنھن ڪي خدا ڏني خاص آھي
عزت ان جي اوھان بہ عام ڪيو.

پيار دل ۾ رکو سُنو آھي،
ھاڻ نفرت ڪٽي حرام ڪيو.

رات ڪُتي جا ناري وئي آ،
بي ڏوهي سان ماري وئي آ.

ڪو بہ داخل ڪيس نہ ٿيو آ،
غيرت جو ڏيکاري وئي آ.

هن تہ ڪو بہ پاپ نہ ڪيو هو
ملڪيت لئہ ٿي ڪاري وئي آ.

قاتل تو آزاد گهمي پيو،
دستي ٽاٽي هاري وئي آ.

سنڌ واسين جو ساھ سڪي ٿو
ڇو تہ سنڌو درياھ سُڪي ٿو.

سنڌوءَ ڪپ تي وڻ سُڪي ويا،
۽ ٻيو سائو گاھ سُڪي ٿو.

پاڻي اسان جو چوري ڪرين ٿو،
ياءُ وڏا ويساھ سُڪي ٿو.

تون ٿو پنهنجا ڍيم پرائين،
هتڙي اسان جو واھ سُڪي ٿو.

هر ماڻهو ان ڳڻتي ۾ ها!
”مانجهي“ ٿيندي پاھ سُڪي ٿو.

پيار ڏيو تي ملي مان ڏنڊو تي پوان،
سڏڪندڙ دل کلي مان ڏنڊو تي پوان.

مس ملن تيون اکيون، تو جهڪائي ڇڏي،
نيڻ هڪ جاءِ جهلي مان ڏنڊو تي پوان.

ٻانهن پڪڙي مان هن کي چوان هٿ ڇمان،
هو چوي ڇُم ٻلي مان ڏنڊو تي پوان.

منهنجي تڙپڻ لڇڻ جو قصو دلربا!
لوڪ کان جي آلي مان ڏنڊو تي پوان.

منهنجي ير ۾ ويهي سور منهنجا ٻڌي،
پوءِ پنهنجا سلي مان ڏنڊو تي پوان.

سڪ سُڪائي ڇڏيو آهي"مانجهي" مون کي،
يار لائي ڳلي مان ڏنڊو تي پوان.

✿

ڪا ايرادن جي آهي اٽل چوڪري،
۽ رکي حوصلا ٿي جبل چوڪري.

هن جي نيڻن ۾ پئي ٿي بغاوت بڪي،
ڪيئن جذبن کي ڏيندي اجل چوڪري.

انگ ميرا متي، وار وڪريل اٿس،
ڪا پريمي ڪان آهي چڳل چوڪري.

پيءُ جيڏي سان شادي ڪرٽي اٿس،
چو ته آهي لکن ۾ ڪتل چوڪري.

تو جو مرڪي ڏنو دل چري تي پئي،
آس توسان ملڻ جي وري تي پئي.

تو ڪي ڏسندي لڳو جڻ مان جنت ۾ هان،
تنهنجي حورن سان آ همسري تي پئي.

منهنجي چاهت جي ول جا سُڪي تي وئي،
پيار پاڻي ڏنئي سا هري تي پئي.

پوتہ ”مانجهي“ مئخاني يا هوندو گِدو،
بند ديدار جي، جي دري تي پئي.

بي چيني ۾ قرار آيو آ،
تنهنجي دل ۾ جو پيار آيو آ.

درد هاڻيون ستون لکيم تڏهين،
شاعري ۾ نکار آيو آ.

تو اچڻ جو ڪيو نياپو آ،
چڻ خزان ۾ بهار آيو آ.

عشق اتساهه آهي بخشيو ءِ،
سوچ ۾ پيءِ سڌار آيو آ.

غم سمورا ويا لهي "مانجهي"
اڄ ملڻ غم گسار آيو آ.

❁

نفرت جو انڪاري آهيان،
پيار امن جو پوڄاري آهيان.

ذاتي، ڪوڙ، قلم جو ساٿ آ،
شاعر ياڳيو هاري آهيان.

منڇر، ڪينجهر سان پيار آ،
چمندو سنڌوءَ جي واري آهيان.

سچ ڇوڙ ڪان ڪونہ رهان ٿو
تڏهن تہ مان ڏوهاري آهيان.

معشوق علي "مانجهي" ٿو سڏ جان،
راڻ جو زرداري آهيان.

گھٹو ئي اوهان لاءِ سڪياسين، سڙياسين،
تيو ڪجھ نہ حاصل، رناسين، رڙياسين.

هجي سردي، گرمي اوهان وٽ پڳاسين،
اوهان کي ڏسڻ لاءِ ڪُنبياسين، ڪڙهياسين.

اسان جي دانهن تي ڌريئي ڌيان ئي نہ،
غزل، گيت توتي لکياسين، پڙهياسين.

هُئي بند بجلي بچاءُ تي ويو تڏهن،
ڪرڻ خودڪشي لاءِ ٿنڀي تي چڙهياسين.

زرداري "مانجهي" مليو درد، دوکو
وڃي اوکي جاءِ تي اڙياسين، اڙياسين.

هن سان پيار پُراڻو آهي،
منهنجي روح جو راڻو آهي.

جنهن جو نانءُ ڪنيو آ تو سو،
ماڻهو موتي داڻو آهي.

ڳالهيون هن جون ماکي مصري،
مرڪ مکڻ جو چاڻو آهي.

مون وٽ هاڻي چڪر تي ايندو،
عرض ڪيو مون نماڻو آهي.

"مانجهي" هن کي ڪيئن وساريا
سُهڻو ساهه سيباڻو آهي.

سونهن ۽ سينگار تو موهي،
۽ ٻيو تنهنجو پيار تو موهي.

تنهنجي سارَ پيا لهنداسين ها،
تنهنجو هي اقرار تو موهي.

منهنجو ٻي توسان پيار پڪو آ،
تنهنجو هي اظهار تو موهي.

تنهنجو هر هڪ ناز آ سهڻو
مون کي پرين هر وار تو موهي.

”مانجهي“ ڪان دل پل ۾ ڦري وئين،
جَلوو تنهنجو يار تو موهي.

تو اجائي ڏني معيار آهي،
اج بہ ساڳيوئي توسان پيار آهي.

هر موسم هر ڪچهري ۾،
هوندي تنهنجي طلب ۽ تار آهي.

تنهنجا تورا تہ آءُ ڳايان پيو،
توهميشہ لڏي پئي سارَ آهي.

حال منهنجي ڪي تون بہ ڄاڻين پيو،
ڪيڏو معاشي خفن جو بار آهي.

هر مهيني اچي تو ڏي "مانجهي"
ايڏي ڪاتي منهنجي پگهار آهي.

دل جا هوندي هُئي مرڪٽي ٿهڪٽي،
سا اچانڪ ٿي پئي آ صفا سڏڪٽي.

ڏينهن سارو اداسي جي پاڇي ۾ آ،
هونءَ ته هوندي هُئي هر گهڙي ٻهڪٽي.

دل تي ماحول جو ڪو اثر آ ٿيو
هي تڏهن ٿي پئي آ رڳو روئڻي.

دل سودائي ٿي پئي آ ڪجهي چا ڪجهي،
مون کي هن جي رهي ٿي ڳڻتي گهڻي.

مون کي ”مانجهي“ منجهائي وڌو آ چري،
ڪونه پايان ٿو سُرمو نه ڏيان ٿو ڦٽي.

پيار تنهنجو ملي ويو هن کي،
دل منهنجي پرين لَڪي آهي.

مرحلا ڪيئي ڏکيا بہ ها يار پر،
توسان چاهت نہ ٿي جهڪي آهي.

ڇا بہ ٿئي پرت پاڙيي توسان،
ڳالھ دل جي پرين پڪي آهي.

من منهنجو "مانجهي" پيو مهڪي ٿو،
تو رکي چاھ گل چڪي آهي.

شهيد بينظير ڀٽو کي پيٽا

تيڻ بينظير سان انصاف گهرجي،
ڪرڻ ڪين قاتل کي ڪڏهن معاف گهرجي.

قاتل کي ڦاهي تي لٽڪايو سائين،
تيڻ جاچ جلدي شفاف گهرجي.

جاچ ادارن جون ڪوتايون آهن،
ڪرڻ تن کي اهوئي اعتراف گهرجي.

چوي دل تي قاتل ڪجي ڦل فرائي،
ڦل يلا جي نہ تہ ڪرڻ هاف گهرجي.

❁

ڪير آهي جو ايڏي سخا تي ڪري،
منهنجي دل هي مون کان پڇا تي ڪري.

ڪا سگهي ننڊ پڻ جي وهي آ چڙهي،
عشق بازي سان ابتدا تي ڪري.

هو نہ جاڻي سزا پيار چاهي هتي،
ها تڏهين تہ اهڙي خطا تي ڪري.

هر ملاقات کي مون چيو آخري،
هو ٻيهر ملڻ لاءِ دعا تي ڪري.

❁

نئين جواني جي سکي وسري نہ ٿي،
جنهن سان وئي هُئي دل لڳي وسري نہ ٿي.

مان ذري گهٽ ٿي پيو بيهوش هس،
پيار جي پهرين مٺي وسري نہ ٿي.

ڪاڻ درشن جي پئي ڪاٽيم چڪر،
هن جو پاڙو ۽ گهٽي وسري نہ ٿي.

شوق دنيا جا ٻيا وسري ويا،
ها! اڃان بہ شاعري وسري نہ ٿي.

”مانجهي“ ماضي ذهن شل موتي ملن،
هر گهڙي هُئي کِلَ،خوشي وسري نہ ٿي.

❁

تنهنجي آئي تن من سارو،
جرڪي پيو آ جيون سارو.

توکان اڳ ويران هيو گهر،
ٻهڪي ٿو اڄ آنگن سارو.

اوندهه جيون منهنجو جاني،
ٿي ويو آهي روشن سارو.

جنهن ڏڱ سان تون آئين دلبر،
چميو سو ڏڱ اکين سارو.

"مانجهي" ٿو ڏيئي وڌايون،
شهر سڄڻ اڄ راڌن سارو.

شهيد بينظير ڀٽو کي پيٽا

سنڌ جي نياڻي، تو کي سلام آ.
شهيد راڻي، توکي سلام آ.

ملڪ جي مظلومن جي آ
توڪئي سرواڻي، توکي سلام آ.

ظلم جبر ۽ نا انصافي جي،
توڪئي پڇاڻي. توکي سلام آ.

وقت جي جابر کي چا تہ ڏني تو
واهہ وراڻي، توکي سلام آ.

”مانجهي“ زرداري پيو لکندو
تنهنجي ڪهاڻي، توکي سلام آ.

شهيد بينظير ڀٽو کي ڀيٽا

شهيد راڻي توکي پٽي قوم ساري،
تنهنجي خلمتن کي ڀلا ڪيئن وساري

سنڌ بلوچستان ۽ پنجاب،
سرحد کي تو ڇڏيو هو سينگاري

هجي ٿر يا ڪاڇو ڪچو يان پڪو،
هرعلائقو تو تنهنجي راهه نهاري

تنهنجي وڇوڙي وڏا وڍ آهن،
هر ماڻهو "مانجهي" پيو ڳوڙها هاري

ٿورو وقت مون کي پيارا ڏيو هان،
ٻہ ٽي پل خوشيءَ جا خدارا ڏيو هان.

ڪٺي هٿ پري ڪان ڪيڪاريو نہ ها پر،
ٻجها ڪي اکين جا اشارا ڏيو هان.

مٺا مرڪ هڪ جي عنايت ڪيو هان،
ڇيو ڪنهن ٿئي؟ لاهي ستارا ڏيو هان.

ويهي ير ۾ تنهنجي سليان سور هان مان،
دلاسا ڪي دل کي دلارا ڏيو هان.

ويڳاڻو لڳو تو وٽي تنهنجو "مانجهي"
تنهن کي ڪي سُهڻا سهارا ڏيو هان.

ڪا خوشي ڪو قرار ڪونهي ڪو،
گڏ جو منٺار يار ڪونهي ڪو.

وقت ٿيو آ جو پيو سڙان سڪ ۾،
هن ڪرايو ديدار ڪونهي ڪو.

هاڻ جيون ٻسو ٻسو ٿو لڳي،
هن جي ٻانهن جو هار ڪونهي ڪو

چاهيان ٿو خوش گذارجي ليڪن،
دل تي ڪو اختيار ڪونهي ڪو.

"مانجهي" زرداري ڪهڙي حال ۾ آ،
ڪوبہ لهندو ڪا سارَ ڪونهي ڪو.

تو کي ڏاڍو جناب چاهيون ٿا،
چا ڏَسيان بي حساب چاهيون ٿا.

ڪونہ توکان گهرون ٿا ڌَنُ، دولت،
تنهنجي هٿ جو گلاب چاهيون ٿا.

عمر گذري گهڻي گناهن ۾،
هاڻ پيارا ثواب چاهيون ٿا.

هونءَ تہ هر دم پيا پچون، پُڄرون،
عشق جو ڪو عذاب چاهيون ٿا،

مان بہ چاهيندو آهيان "مانجهي" کي،
اهو تو کان جواب چاهيون ٿا.

ڪين ڪندي ڪر نيڻ جهڙالا،
مرڪ مٺي تون اُڳهه ٻِل آلا.

ڏينهن ڏکن جا ڪيسين رهندا،
ڪٽجي ويندا نيٺ ڪشالا.

چا لاءِ هار سينگار چڏيا تئي،
چالاءِ ڪيا اتئي حال اُبالا.

دل جو تئي حوال غزل ۾،
پڙهندي ڪر تون روز رسالا.

چاهت ۾ ته ملندا آهن،
خوشيون توريون سور سلالا.

”مانجهي“ ملبو جشن ڪنداسين،
پائي جهمريون ڳائي جمالا.

❁

نيث دل جي صلاح ورتيسين،
تنهنجي ٻڪ ۾ پناهه ورتيسين.

هاڻ جيڪو ايندو سڙي ويندو،
عشق کان تيز باهه ورتيسين.

سور من ۾ سَتيا پيا آهن،
مڪ تي وقتي مزاح ورتيسين.

پاڻ کي آ ثواب جي ڳولا،
تڏهن معافي گناهه ورتيسين.

ڏيگ زماني جا ٻيا ڇڏي ”مانجهي“
پيار وارن جي راهه ورتيسين.

زماني جي هر پل نظر ۾ رهياسين،
اسان عشق جي جو اثر ۾ رهياسين.

نکي کنهن سان جهيڙيو نکي مال ميڙيو
رڳو چاهتن جي چڪر ۾ رهياسين.

ذڪرَ هير آندا سڄڻ جا سنيها،
اسان ان ڪري ئي اُتر ۾ رهياسين.

اسان جي تہ منزل پرين جي حويلي،
سدائين ڳلين جي سفر ۾ رهياسين.

اسان جي تہ يارن جدي کي وسايو
اسان بس صنم جي شهر ۾ رهياسين.

مليو درد "مانجهي" صبر سان سنوسين،
ڪجي ڳالهہ ڪهڙي، قهر ۾ رهياسين.

تون جو سالن پڇاڻان آئين ڳوٺ ڏي،
تنهنجي پيرن کي چارا چميون تا ڏين.

ويڙهه وارن کي سوگهو سڄيءَ ۾ سکي،
لعل ڳاڙن تي ڪارا، چميون تا ڏين.

تنهنجي آمد تي جيڪي چٽين تو مٿان،
توکي گلڙا هي پيارا چميون تا ڏين.

بي پردي نہ ايندي ويندي ڪر سکي،
تو کي منظر هي سارا چميون تا ڏين.

موج مهراڻ ۾ اڄ جو آئين وري،
لهرن کي ڪنارا، چميون تا ڏين.

تو کي "مانجهي" چپن سان چمي نہ سگهيم،
نيڻ توکي اجارا چميون تا ڏين.

✿

اجرڪ ٽوپي پايو سنڌي،
اهڙا ذينهن ملهايو سنڌي

سنڌ سان جيڪو ساڙ رکي ٿو
تنهن جو جيءُ جلايو سنڌي

جيئي سنڌي ثقافت جيئي،
نعرا خوب لڳايو سنڌي

درويشن جي سنڌ ڌرتيءَ تان،
ڌاريا سڀ ڀڄايو سنڌي

هوشو، هيمون، دودي وانگي،
ٿي "مانجهي" پاڻ ملهايو سنڌي

✿

جيئن جو نسري وهي، دل لڳي ٿي ويئي،
خوشبو خوشبو منهنجي زندگي ٿي ويئي.

ديد رستي وچي دل جو دل سان ملي،
سونهن ديوي پوءِ منهنجي سکي ٿي ويئي.

لمحي لمحي پنهنجا ٿمڪ ٻڌندا رهيا،
ساھ جي سنگ هرپل خوشي ٿي ويئي.

موھ مستي گهٽي من ۾ اوتي ڇڏي،
نينهن ٿي شينهن آيو مڱي اوتي ويئي.

ڇا ڏسي توکي ”مانجهي“ ڪٿا پيار جي،
سونهن پوڄيندي ڏاڙهي اچي ٿي ويئي.

ڪھڙو ھي سماج آ،
ڪھڙو ھي رواج آ.

اسڪول ۾ پوتار جو،
ياڻ ۽ اناج آ.

ويگنس وَني ۽ جھور وَرُ،
ھي بہ ڪوئي ڪاج آ.

وڪڻي نياڻي ڏاج ڏين،
ھي ڏاج آ يان وياج آ.

زرداري "مانجھي" لوڪ جو،
عجيب ھي مزاج آ.

✿

مرڪندي تو ملين، تڪ لهي ٽا پون،
پيار مان تو ڏسين، تڪ لهي ٽا پون.

يار محفل ۾ منهنجو وڏي مانُ تو
مون سان گڏ تو ويهين، تڪ لهي ٽا پون.

مون کي ياڪر پري دل جون ڳالهيون ڪندي،
ڪنڌ ڪُلهي تي رکين، تڪ لهي ٽا پون.

تون نہ آهين تہ پوءِ مان بيچين هان،
تون تو سامهون هجين، تڪ لهي ٽا پون.

”مانجهي“ زرداري تنهنجا ڪهڙا حال هن،
تو پيارا پڇين، تڪ لهي ٽا پون.

حال دل ڪنهن سان ڪيان مان دلربا،
ڪير آ منهنجو هتي تو کان سوا.

زندگي جا چار پل گڏجي رهون،
ڇو ڀلا جيئري رهون جاني جدا.

ياد تو کي ٿي ڪري دلڙي ڇري،
اڄ تہ ويهي ڪي منا ماڻيون مزا.

ساهہ ٿو تولئہ سِڪي تون آ هلي،
برهہ جي بيمار جي ڪر ڪا دوا.

”مانجهي“ سان تون وچ ملي مننار اڄ،
مڃ ڪٿي دلبر ڏکي دل جي صدا.

هن نگر ۾ مون ڏٺي آ سندري،
اهڙي سُهڻي آ جڻ ڪائي پري

راهه ويندا ٻه بيماري تي چڙهي،
اهڙي ڇهري ۾ اٿس جادوگري

روز تي اڏري هوائن ۾ پئي،
پينگهه تي لڏندي وڻي تي پوپري

شهر سارو تي وڃي سرهاڻ تو
ڪولي وارن کي بيهي تي ٻانوري

”مانجهي“ ايري چند پيو ڪوني منجهان،
جي ڪڏي تي منهن مٺي ڪولي دري

احساس هئڻ گهرجي،
ڪو قياس هئڻ گهرجي.

پنهنجي ۽ پرائي جي،
شناس هئڻ گهرجي.

اخلاق جي ماڻهو وٽ،
ميراث هئڻ گهرجي.

جيون لاءِ خوشين جو
ڪو واس هئڻ گهرجي.

ها! "مانجهي" من جي اندر
ڪا آس هئڻ گهرجي.

❁

وایون

سوچئون ڪين صبر سان،
منجهي منجهن مت
پنهنجا وڙهيا پاڻ ۾

رت ڳُنو آ رت ڪي،
وهي هليو رت.
پنهنجا وڙهيا پاڻ ۾

امن آ اڏري ويو
بپا تي دهشت،
پنهنجا وڙهيا پاڻ ۾.

”مانجهي“ منجهائي وڏو
نيا ڳي نفرت
پنهنجا وڙهيا پاڻ ۾.

ڪارنهن جا الزام
روز اتر سنڌ ۾

لُٽي ظالم لوڪ پيو
سسيون سِرَ عام
روز اتر سنڌ ۾

سهرن واري منڊ ۾
پيٽون ڪن ماتام
روز اتر سنڌ ۾

"مانجهي" مچي ٿو ويچي
ڪمهلو ڪهرام
روز اتر سنڌ ۾

پورل پيرن جو

آءُ ٿورائتو آهيان.

مون در آيا تئي وئي،

تنهنجي پيرن جو.

آءُ ٿورائتو آهيان.

جنهن بهاني آئين،

ڳاڙهن پيرن جو.

آءُ ٿورائتو آهيان.

جن سجاٽپ آ ڏني،

”مانجهي“ شعرن جو.

آءُ ٿورائتو آهيان.

پيار جون وايون گيت،
آءُ وينو ڳايان،

ڪهڙا ليڪا پيار ۾،
ڇاجي هار ۽ جيت.
آءُ وينو ڳايان.

ٽورا ڪنهن جا ڳائجن،
آهي هيءَ به ريت.
آءُ وينو ڳايان.

”مانجهي“ کي مشهور ڪيو،
پيارا تنهنجي پريت
آءُ وينو ڳايان.

نوان نوان ڪپڙا،
ٻارن ورتا عيد تي.

پينسل، ڪارون، ٽريڪٽر،
چوڙيون ۽ جهمڪا.
ٻارن ورتا عيد تي

ڪمڙا ناٺوءَ ڳڻي ڪٽان،
هٿ ڪيئي رانديڪا.
ٻارن ورتا عيد تي.

ها پر گهر غريب جي،
ڳوڙها ۽ سڏڪا.
ٻارن ورتا عيد تي.

ڏاڍو تي تڙپائي،
ها! تنهنجي سارَ سڪي.

مان تو ڳوليان خوشيون،
هيءَ تي غم برسائي.
ها!تنهنجي سارَ سڪي.

رات ڪٽيان توجاڳي،
ننڊ وڃي تي ڦٽائي.
ها! تنهنجي سارَ سڪي.

سج لهڻ سان ٿي دل جو
تي در اچي ڪڙڪائي.
هاءِ تنهنجي سارَ سڪي.

منهنجو باروتڻ

مون کي وقت ورائي ڏي

ننڊڙا ننڊڙا گهر اڏي
ڌرتيءَ تي کيڏڻ
مون کي وقت ورائي ڏي

سائي وڻ جي ٽار ۾
چڙهي پينگ لڏڻ
مون کي وقت ورائي ڏي

هڪ جيڏن سان رات جو
لڪ چُپ راند ڪرڻ
مون کي وقت ورائي ڏي

آتا آيل سان ڪري
"مانجهي" روز رُسڻ
مون کي وقت ورائي ڏي

هن جي آمد جو ٻڌي،
اوسيئڙو ۽ سارَ
ڏاڍا پيارا ٿا لڳن.

مون سان گڏجي آجيان،
ڪن ٿا ننڍڙا ٻارَ.
ڏاڍا پيارا ٿا لڳن.

هن جي ڇاتي ٿا ڇهن،
ڳچ ڪاوا ۽ هار.
ڏاڍا پيارا ٿا لڳن.

”مانجهي“ موهي ٿا وجهن،
سرتيءَ جا سينگار،
ڏاڍا پيارا ٿا لڳن.

سيڪي آنيون، سنگ،
مون لئہ آندا سانوري

سنهڙي چولي ۾ ڍڪي،
ريشم جهڙا انگ،
مون لئہ آندا سانوري

جوين رُت جون سوڪڙيون،
چميون، ڏوڏا ڏنگ،
مون لئہ آندا سانوري

اکڙين ۾ اوتي ڪجل،
منهن تي مهڪي رنگ،
مون لئہ آندا سانوري

"مانجهي" من جهومي پيو،
جڻ ڪي چاهت چنگ،
مون لئہ آندا سانوري

شرميلي وينگس
مون کي ڏاڍو تي وڻي.

مُک تي رنگ جوانيءَ جا،
هاڻي نکريا تس،
مون کي ڏاڍو تي وڻي.

هن جي مرڪ هميشہ تي،
هي من ڪري بيوس،
مون کي ڏاڍو تي وڻي.

منهنجي دل تي لکجي ويو
سندر نانءُ سندس،
مون کي ڏاڍو تي وڻي.

اهڙي ماڻهو ناهڻ تي،
رب يي لهڻي جَسُ،
مون کي ڏاڍو تي وڻي.

روز نهارين تيون اکيون،
”مانجهي“ هن جا گس،
مون کي ڏاڍو تي وڻي.

تنهنجي يادن جا،
دل جي آڱر ۾،
آهن گل ٽڙيا.

سپنا اکين ۾،
جڻ ڪي ڪينجهر ۾،
آهن گل ٽڙيا.

توتي گيت لکيم،
ادبي کيتر ۾،
آهن گل ٽڙيا.

تنهنجون تصويرون،
مون هينيون گهر ۾،
آهن گل ٽڙيا.

”مانجهي“ سوچن جا،
ذهن جي ياڪر ۾،
آهن گل ٽڙيا.

چو سنڌ بڻي مقتل،
منهنجو جيءُ جَلي.

ننڍڙي ڳوناٽي جا،
ڏنم نيڻ ڀنل،
منهنجو جيءُ جَلي.

پنهنجي ماروڙن جا،
آزاد ڏسي قاتل،
منهنجو جيءُ جَلي.

سياسي راڪاسن مون ڪان،
منهنجو ڪسيو آ دل،
منهنجو جيءُ جَلي.

"مانجهي" ڪڏهن سوچيو اٿئي،
ائين ڇيو جيجل،
منهنجو جيءُ جلي.

جنهن ۾ پنهنجو ميل ٿيو
سا سُهاني رات،
مون کان وسري ڪا نہ ٿي.

تو مون ڇُمين سان ڪئي،
پيار سندي شروعات،
مون کان وسري ڪا نہ ٿي.

دهشت ۾ ويا ڇَپ سُڪي،
هو پهرين مُلاقات،
مون کان وسري ڪا نہ ٿي.

ساروٽي سانديان پيو
سمجهي مان سوغات،
مون کان وسري ڪا نہ ٿي.

ڪنهن سان سورَ سَلي،
چنڊ جهڙي ڇوڪري.

پيءُ جيڏي پوڙهي ور سان،
ڪيئن روح رَلي،
چنڊ جهڙي ڇوڪري.

رسُمن جي آچار ۾ ڦاٿي،
وِيئي هَٿَ مَلي،
چنڊ جهڙي ڇوڪري.

”مانجهي“ هيڏي سانحي کي،
ڀلا ڪيئن ڀُلي،
چنڊ جهڙي ڇوڪري.

ٻُوناٽي ناري،
ڏکيو جيون ٿي ڪٽي.

چولي کي ٽاڪي چتيون،
غربت جي ماري،
ڏکيو جيون ٿي ڪٽي.

هن جي قسمت ۾ لکيل،
هو مڙس جواري
ڏکيو جيون ٿي ڪٽي.

ميڙي چيٽا ٿي ڪري،
مُنيا ويچاري،
ڏکيو جيون ٿي ڳٽي.

پاپي هِنَ سماج هي،
آهي آزاري،
ڏکيو جيون ٿي ڪٽي.

مُستقبل معمار
ذکيا ذِينهن ڪتي تو.

قلم عيوض بُرش هٿن ۾،
پاليش لاءِ پڪار
ذکيا ذِينهن ڪتي تو.

ذِينهن سمورو هوٽل تي،
ٿانوءَ منيندي پار
ذکيا ذِينهن ڪتي تو.

گر يجن ۾ استادن جا،
ڌڙڪا، گاريون، مار
ذکيا ذِينهن ڪتي تو.

معصوم ٻگلڙن تي "مانجهي"
لُڙڪن سندي لار
ذکيا ذِينهن ڪتي تو.

ساري ساري رات،
جيجل جاڳي پئي.

بيمار بڪايل ٻار کي،
ڏيئي لوليون لات،
جيجل جاڳي پئي.

گھر ڪکائين جھوپي تي،
طوفاني برسات.
جيجل جاڳي پئي.

سورن کي سانڍي پئي،
سمجھي ھي سوغات،
جيجل جاڳي پئي.

”مانجھي“ آيل کي ڏسي،
لُڇي منھنجي ذات،
جيجل جاڳي پئي.

تنهنجي یاد سکي،
دل سان پئي آ ٻکي.
توکي ڪيئن وساريو.

محبت ماکي کان مٺي،
مون جا آهي چکي،
توکي ڪيئن وساريو.

ڀريان ٻڇ تون ٻاڙ کان،
دل تي هٿ رکي،
توکي ڪيئن وساريو.

پئي حياتي گهاريي،
"مانجهي" ڏکي سکي،
توکي ڪيئن وساريو.





شاعري اصل ۾ محبوب جي جاهہ وَجلال،حُسن جي ڪمال حَسين چهري،موهيندڙ مرڪ،ناز انداز جي پرچار سان گڏ عاشق جي اندر جي احساس ۽ ڪومل جذبن جي چٽسالي،عڪاسي جوناءُ آهي،سنڌي ادبي ڪيتر ۾ ڪوڙ سهڻا ناءُ ساموهن اچن ٿا،جن ادب جي حوالي سان پنهنجوناءُ سونهري اکرن ۾ لکايو آهي،جن ۾ ڪيترا ناءُ اچن ٿا آءُ ڪيترن سهڻن جا ناءُ اچاريان،بس مانجهي ذرداري جي ڳاله ڪندس تہ مانجهي زرداري سونهري اکرن ۾ پنهنجو ناءُ لکائڻ ۾ سڦل رهيو آهي،مانجهي پهريون بہ اسان ڪي پنهنجون ادبي سوڪڙيون ڏئي چڪو آهي ،جوڀن رت سوڪڙيون،قرار نيڻن جوءِ دل جي صلاح شامل آهن.

بحرحال مانجهي اسان جي ٿهيءُ جو هڪ وزنائتو شاعر آهي،هن يار جي شاعري ۾ اٽيل خيال،اصلوب بلڪل نوان نڪور ۽ اڻ ذريا هجن ٿا،مانجهي زرداري پنهنجي شاعري ۾ عام فهم لهجوسادا. سلوڻا لفظ ڪتب آڻي ٿو جيڪي توهان اسان سولائي سان پڙهي سمجهي سگهون ٿا،هونءُ بہ ميهڙ جو خطو ادبي حوالي سان مردم خيز خطو آهي مانجهي زرداري هونءُ تہ راڏڻ جو آهي پر راڏڻ بہ ميهڙ جي جسماني بناوت جو عضوو آهي،انهيءَڪري مون ميهڙ جي ڳاله ڪئي،مانجهي بهترين شاعر سان گڏ بهترين دوست بہ آهي،مانجهي ڪرت جي حوالي سان هڪ پورهيت آهي پر من جو شهنشاه

منهنجي خيال ۾ مانجهي زرداري ادبي ڪياري جو اهو گل آهي جنهن جي خوشبو اسان پري ڪان محسوس ڪري سگهون ٿا.

احسان زنگيجو (ميهڙ) Rs. 200/=

Sahil Printers Hyd: 0333-2634650

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪِٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمَ- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)